SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريه 2011
# SINDH ACT NO.XVII OF 2011
# سنڌ سرڪاري ملازم (ضم ڪيلن جي مستقلي) ايڪٽ، 2011
# THE SINDH CIVIL SERVANTS (REGULARIZATION OF ABSORPTION) ACT, 2011

## (CONTENTS) فهرست

(Preamble) تمهيد
(Sections) دفعات
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. وصفون
Definitions
3. ضم ڪيل ڪجهه سرڪاري ملازمن جي مستقلي
Regularization of absorption of certain civil servants
4. منسوخي
Repealed

سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريه 2011
SINDH ACT NO.XVII OF 2011
سنڌ سرڪاري ملازم (ضم ڪيلن جي مستقلي) ايڪٽ، 2011

# THE SINDH CIVIL SERVANTS (REGULARIZATION OF ABSORPTION) ACT, 2011

[15 جون 2011]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي حڪومت جي مختلف ڪاتن ۾ سرڪاري ملازمت ۾ ضم ڪيل ڪجهه ملازمن جي ملازمت کي مستقل ڪيو ويندو؛

جيئن ته عوامي مفادن وٺان حڪومت جي مختلف ڪاتن ۾ سرڪاري ملازمت ۾ ضم ڪيل ڪجهه ملازمن جي ملازمت کي مستقل ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪو هن ريت هوندو؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ سرڪاري ملازم (ضم ڪيلن جي مستقلي) ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.(1)هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a)"ضم ڪرڻ" مطلب ۽ جنهن ۾ شامل آهي وفاقي حڪومت، حڪومت، ڪارپوريشن، ڪائونسل، قانونساز بادي يا وفاقي حڪومت يا حڪومت طرفان قائم ڪيل يا ضابطي هيٺ ڪنهن اٿارٽي جي ڪنهن ملازم جو ضم ٿيڻ؛

(b)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛ ۽

(c)"عهدو" مطلب حڪومت طرفان منظور ڪيل ڪو به عهدو ڪنهن به گريڊ ۾ ۽ صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل ڪنهن به موجود گروپ يا ڪيڊر ۾.

ضم ڪيل ڪجهه سرڪاري ملازمن جي مستقلي
Regularization of absorption of certain civil servants

3.(1)جيستائين ڪجهه سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 يا ان تحت جوڙيل قاعدن، يا ڪنهن ڊڪري، حڪم يا عدالتي فيصلي جي متضاد نه هجي، صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل ڪنهن عهدي تي سرڪاري ملازم

| | |
|---|---|
| طور ضم ڪيل ملازم ۾ هن ايڪٽ جي شروعات واري تاريخ تي يا ان کان اڳ اهڙو عهدو رکڻ، ان جي ضم ٿيڻ واري تاريخ کان ان عهدي تي مستقل بنيادن تي موثر نموني ضم ٿيل سمجهيو ويندو.<br>(2)حڪومت ۾ ڪنهن مساوي عهدي تي ضم ڪيل سرڪاري ملازم، ان جي سينيارٽي طئي ڪرڻ جي مقصد لاءِ، ان جي ضم ٿيڻ کان اڳ رکيل مساوي عهدي تي سندس مستقل ملازمت جو فائدو ڏنو ويندو.<br>4. سنڌ سرڪاري ملازم (ضم ڪيلن جي مستقلي) آرڊيننس، 2011 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.<br><br>**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | منسوخي<br>Repealed |